# سنڌ ايڪٽ نمبر IX مجريه 2016
# SINDH ACT NO.IX OF 2016
## سنڌ هندن جي شادي ايڪٽ، 2016
## THE SINDH HINDUS MARRIAGE ACT, 2016
## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات

Sections

1. مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات

Short Title, extent and commencement

2. وصفون

Definitions

3. مقصد

Objectives

4. هندو شادي لاءِ شرط

Conditions for Hindu marriage

5. شادي لاءِ رسمون

Ceremonies for marriage

6. شادي جي رجسٽريشن

Registration of marriage

7. رجسٽريشن جو طريقو

Manner of registration

8. ختم ڪيل

Omitted

9. حڪومت في بيان ڪندي

Government to prescribe fee

10. قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

11. ايڪٽ جو ماضي کان اثر

Retrospective effect of the act

12. رنڊڪون هٽائڻ جو اختيار

Power to remove difficulties

13. تشريح
Interpretation
14. ايڪٽ کي ٻين قانونن تي فوقيت هوندي
Act to take precedence over other laws

# سنڌ ايڪٽ نمبر IX مجريه 2016
# SINDH ACT NO.IX OF 2016
# سنڌ هندن جي شادي ايڪٽ، 2016
# THE SINDH HINDUS MARRIAGE ACT, 2016

[12 اپريل 2016]

ايڪٽ جنهن ذريعي هندن ۾ شادي سان لاڳاپيل قانون فراهم ڪيو ويندو؛

تمهيد (Preamble)

جيئن ته ڪٽنب کي حق پاڪستان جي آئين طرفان بنيادي حق جي گارنٽي ڏني وئي آهي؛

۽ جيئن ته هندو شادين جي رجسٽريشن لاءِ هڪ جهڙو طريقيڪار جوڙڻ جي ضرورت آهي ۽ ان سان لاڳاپيل ۽ هڪ جهڙن معاملن جي سلسلي ۾ طريقيڪار جوڙڻ جي ضرورت آهي.

ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

**مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات**
**Short Title, extent and commencement**

1.هن ايڪٽ کي سنڌ هندن جي شادي ايڪٽ، 2016 سڏيو ويندو.
(2)ان کي پوري صوبي سنڌ تائين وڌايو ويندو.
(3)اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

**وصفون**
**Definitions**

2. هن ايڪٽ ۾:
(i)“شادي جو سرٽيفڪيٽ” مطلب شيڊول A ۾ فراهم ڪيل دستاويز؛
(ii)“لاڳاپيل عملدار” مطلب عملدار جيڪو يونين ڪائونسل، وارڊ يا ڪنهن ٻي ميونسپل اٿارٽي ۾ بااختيار هجي، جتي شادي تقريبون ٿينديون هجن؛
(iii)“رضامندي” مطلب ٻڌايل ۽ اعزازي طور تي رضامندي جيڪا ڪنهن دٻاءَ، اٿوٽندڙ واقعي، فراڊ يا رڪاوٽ ڪانسواءِ ڪنهن بالغ طرفان اهڙي ڪا رضامندي ڏني وڃي ۽ رضامندي جي اثر جي مڪمل ڄاڻ ۽ ٻيا ڪي متبادل؛
(iv)“منع ڪيل رشتي جون ڊگريون” مطلب رشتو جيڪو مذهب جي ذاتي قانون تحت منع هجي ۽ هندن جي روايتن موجب شادي جي ٻنڌڻ ۾ ٻڌجڻ کان منع ڪندو هجي؛
(v)“حڪومت” مطلب سنڌ حڪومت؛
(vi)“هندو” ڪو شخص جيڪو هندو، جين يا سک مذهبن جي ڪنهن به طريقي پوئواري ڪندو هجي؛
(vii)“شادي جو رجسٽر” مطلب لاڳاپيل عملدار طرفان رکيل شادين جو رجسٽر، جيئن حڪومت طرفان بيان ڪيو ويو هجي؛
(viii)“تقريب” مطلب شادي جي تقريب.

**مقصد**
**Objectives**

3.هن ايڪٽ جو مقصد هندن جي شادين لاءِ رجسٽريشن جو عام طريقو فراهم ڪرڻ آهي.

**هندو شادي لاءِ شرط**
**Conditions for Hindu marriage**

4.شادي هن ايڪٽ تحت ڪئي ويندي، جيڪڏهن هيٺيون شرطون پوريون ڪيون ويون هجن، جهڙوڪ؛
(a)شادي جون ڌريون 18 سالن جي عمر يا مٿي جون

آهن؛
(b)شادي جون ڌريون رضامندي ڏيڻ لائق آهن؛
(c)شادي جون ڌريون آزاد رضامندي ڏين ٿيون؛
(d)شادي جون ڌريون منع ڪيل رشتي جي ڊگري ۾ نه آهن؛
(e)شادي جي وقت ڌرين مان ڪنهن وٽ به شريڪ حيات موجود نه آهي؛ ۽
(f)شادي جي تقريب ۽ رجسٽريشن وقت گهٽ ۾ گهٽ ٻه گواهه موجود آهن.

شادي لاءِ رسمون
Ceremonies for marriage

5.جيستائين ڪجهه به هن ايڪٽ جي متضاد نه هجي، شادي لاءِ هر ڌر ڪي بنيادي حقن ۽ تقريبن لاءِ شادي جي تقريب ڪوٺائڻ جو حق هوندو.

شادي جي رجسٽريشن
Registration of marriage

رجسٽريشن جو طريقو
Manner of registration

6.هن ايڪٽ تحت ڪرايل هر هڪ شادي يونين ڪائونسل/وارڊ يا ٻي ڪنهن ميونسپل اٿارٽي سان رجسٽرڊ هوندي، جتي شادي تقريبون ٿينديون هجن، تقريب جي 45 ڏينهن جي اندر.

7.(1)شادي جي سرٽيفڪيٽ جون 4 نقل هونديون، جيئن شيڊول A ۾ ڄاڻايو ويو آهي، جيڪي سموريون پرڻ ڪاناپوءِ لاڳاپيل عملدار کي فراهم ڪيون وينديون.
(2)لاڳاپيل عملدار پاڻ کي مطمئن ڪرڻ ڪانپوءِ ته شادي جون سموريون شرطون دفعه 4 تحت پوريون ڪيون ويون آهن، تصديق ڪندو/شادي جو سرٽيفڪيٽ ڏيندو ۽ رڪارڊ لاءِ سرٽيفڪيٽ جي ڪاپي رکندو ۽ باقي ڪاپيون ڌرين کي واپس ڪندو.
(3)لاڳاپيل عملدار هن ايڪٽ جي مقصدن لاءِ قاعدن ۽ حڪومت طرفان جاري ڪيل هدايتن موجب شادي جو رجسٽر رکندو.

ختم ڪيل
Omitted

(4)شادي جي رجسٽر ۾ هر داخلا تي لاڳاپيل عملدار جو ٺپو هوندو ۽ هيٺين جي صحيح هوندي:

حڪومت في بيان ڪندي
Government to prescribe fee

(i)شخص جيڪو شادي ڪرائي رهيو هجي؛
(ii)شادي جون ٻئي ڌريون؛
(iii)ٻه معتبر گواهه؛ ۽
(iv) لاڳاپيل عملدار.

**قاعدا جوڙڻ جو اختيار**
**Power to make rules**

8.ختم ڪيل.

9.حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي شادين جي رجسٽر ڪرڻ ۽ سرٽيفڪيٽس جون تصديق ٿيل نقل جاري ڪرڻ لاءِ في بيان ڪندي.

**ايڪٽ جو ماضي کان اثر**
**Retrospective effect of the act**

10.حڪومت هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ جي ٽن مهينن اندر هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا ڇاٽائيندي.

**رنڊڪون هٽائڻ جو اختيار**
**Power to remove difficulties**

11.(1)هن ايڪٽ کي هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ کان اڳ ٿيل شادين جي موثر هئڻ ۽ رجسٽريشن لاءِ ماضي تائين اثر هوندو.

(2)هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ کان اڳ ٿيل شاديون لاڳاپيل عملدار طرفان ساڳئي طريقيڪار تحت رجسٽر ڪيون ويندين، جيئن هن ايڪٽ ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

**تشريح**
**Interpretation**

12.جيڪڏهن هن ايڪٽ جي گنجائشن جي لاڳو ٿيڻ ۾ ڪا رڪاوٽ اچي ٿي، ته حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ حڪم ذريعي اهڙيون گنجائشون جوڙي سگهي ٿي جيڪي هن ايڪٽ جي گنجائشن سان ٽڪراءَ ۾ نه هجن، جيڪي رنڊڪ هٽائڻ لاءِ ضروري يا لازمي هجن.

**ايڪٽ کي ٻين قانونن تي فوقيت هوندي**
**Act to take precedence over other laws**

13.هي ايڪٽ ۽ ان تحت جوڙيل قاعدن جي تشريح ڪئي ويندي جيئن هن ايڪٽ جي مقصدن کي وڌائي سگهجي ۽ هندو مذهب سان تعلق رکندڙ ماڻهن کي انهن جون شادي رجسٽر ڪرائڻ لاءِ سهولت ڏياري سگهجي ۽ همٿ وڌرائي سگهجي.

14.هن ايڪٽ جي گنجائشن کي ڪنهن ٻئي قانون جي گنجائشن تي فوقيت حاصل هوندي.

شيڊول A

شادي جو سرٽيفڪيٽ

1.يونين ڪائونسل نالو/نمبر

................ تعلقو/ٿائون، .............

ضلعو..................

2.شادي جي تاريخ.................

3. گهوٽ جا تفصيل:

(i)مڪمل نالو ................ سڃاڻپ ڪارڊ نمبر..............

(ii)پيءُ جو نالو.............. سڃاڻپ ڪارڊ نمبر..............

(iii) ماءُ جو نالو............. سڃاڻپ ڪارڊ نمبر..............

(iv)عمر.............

(v) مڪمل پتو ....................................................

(vi) عارضي پتو ..................................................

(vii)متضاد حيثيت: ڪنوارو شادي شده طلاقيل رنڙ

(viii)پاڙيندڙن جو عدد، نالو ۽ عمريون .......................

(ix) مذهب: هندو سک جين

4. ڪنوار جا تفصيل:

(i)مڪمل نالو ................ سڃاڻپ ڪارڊ نمبر..............

(ii)پيءُ جو نالو.............. سڃاڻپ ڪارڊ نمبر..............

(iii) ماءُ جو نالو............. سڃاڻپ ڪارڊ

نمبر..............
(iv)عمر.............
(v) مڪمل پتو
.......................................................
(vi) عارضي پتو
....................................................
(vii)متضاد حيثيت: ڪنواري شادي شده طلاقيل بيواه
(viii)پاڙيندڙن جو عدد، نالو ۽ عمريون
........................
(ix) مذهب: هندو سک جين
5. گهوٽ جي صحيح: ...........................
6. ڪنوار جي صحيح: .........................
7. گواهن جو نالو، صحيح ۽ سڃاڻپ ڪارڊ نمبر
8.پنڊت، ماهراج يا شادي ڪرائيندڙ ڪنهن شخص جي صحيح
9.لاڳاپيل عملدار جو ٺپو ۽ مهر

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**